UNIDO
UNITED NATIONS INDUSTRIAL DEVELOPMENT ORGANIZATION

پائيدار PAIDAR

act AIMING CHANGE FOR TOMORROW

Funded by the European Union

# اظھاردلچسپي لاءِ گذارش ( مرحلو ٽيون)

## ننڍڙي ۽ ننڍي سطح تي ڪاروبارقائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد ( Micro Grants)

## سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي خاتمي ۽ مجموعي ترقي جو پروگرام ( PAIDAR )

پائيدار پروگرام سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي خاتمي ۽ مجموعي ترقي وارو پنجن سالن جو پروگرام آهي، جنهن جي مالي سهائتا يورپي يونين پاران ڪئي ويئي آهي. ان پروگرام جو مقصد سنڌ حڪومت ڪي سنڌ جي پنجن ضلعن ۾ "غربت گهٽائڻ جي حڪمت عملي (Poverty Reduction Strategy)" تي عمل درآمد ۾ مدد ڪرڻ آهي.

پائيدار منصوبي جو ڊگهي مدت وارو مقصد سنڌ صوبي جي غريب عورتن، مردن ۽ نوجوانن لاءِ غربت جي پائيدار بنيادن تي خاتمي ۽ معيشيت جي بهتري ۾ حصو وٺڻ آهي. مٿين مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پائيدار منصوبو فني / ٽيڪنيڪل مد ۾ صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ تربيت ڏيڻ سان گڏوگڏ مناسب تعداد ۾ ماڻهن جي ڪاروبار کي هٿي ونرائڻ ۽ نئين ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد (گرانٽ) پڻ ڏيندو. گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ جو ادارو يونائيڊو سنڌ ۾ PAIDAR پروگرام کي هلائڻ جو انتظام مختلف ڪاروباري پائيوارن ذريعي ڪري رهيو آهي. ايڪٽ انٽرنيشنل ٺٽہ ضلعي ۾ پائيدار منصوبي جي مائڪرو گرانٽس ڪمپوننٽ (ننڍي / وچولي سطح جي ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ ننڍي مالي مدد) تي عملدرآمد ڪري رهيو آهي تہ جيئن ننڍڙي ۽ ننڍي سطح جا ڪاروبار قائم ڪري سگهجن.

ايڪٽ انٽرنيشنل ٺٽہ ضلعي جي اهل / قابل ڪاروباري ماڻهن کي ننڍڙي ۽ ننڍي (مائڪرو گرانٽس) ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي تہ جيئن اهي ماڻهو ننڍڙي ۽ ننڍي ڪاروبارن کي قائم ڪن يا هلندڙ ڪاروبارن کي وڌائين يا ڪاروبارن ۾ نت نوان تصور شامل ڪن. اهي مقامي سطح جا ڪاروبار آمدني پيدا ڪرڻ، نوڪري برقرار رکڻ ۽ نيون نوڪريون پيدار ڪرڻ جي مضبوط صلاحيت رکندا هجن. اهي انفرادي ڪاروباري ماڻهو جيڪي ٺٽہ ضلعي ۾ ڪم ڪري ڪري سگهن ٿا. اهليت جي معيار تي پورو لهندڙ ڪاروباري ماڻهن جي لاء رهنمائي طور ممڪنہ ڪاروبارن جي لسٽ (فهرست) هيٺ ڏجي ٿي. ان کان علاوه بہ ڪنهن ٻي قابل عمل (ٺيڻ جوڳي) ڪاروبار لاءِ گرانٽ پڻ ڏئي سگهجي ٿي. جديد قسم جا ڪاروبار يا ٽيڪنالاجي تي مبني ڪاروبارن کي ترجيح ڏني ويندي. ننڊي گرانٽ جي حد 10,000 اڪرين ڏہ هزار يورو يا ان کي پاڪستاني 33 لک روپين جي برابر بيان ڪري سگهجي ٿو.

| نمبر | موضوعي خيال | نمبر | موضوعي خيال |
|---|---|---|---|
| 01 | 1. مختلف ٻجن جهڙوڪ سورج مکي، سرنهن، تر، ڪپهہ جي ڪڪڙن وغيره مان تيل ناهڻ<br>2. آئل ايڪسپيلر يا گهاڻو لڳائڻ<br>3. فوڊ پروسيسنگ سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>4. ڪينڊي ڪيٽري (ننڍي سطح تي ٽافيون ناهڻ | 02 | 1. ويليو چين انڊسٽري: ٽماٽر ڪيچپ ناهڻ ۽ مرچ ساس وغيره<br>2. تعميراتي شيون جهڙوڪ سيمينٽ بلاڪ، ٽائلس، پيور، ماربل چپس، ٻيهر استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ مان شيون ناهڻ |
| 03 | 5. کير مان مختلف شيون ناهڻ جهڙوڪ سچو گيهہ، مائو، مکڻ، پنير، ڏهي وغيره<br>6. فوڊ پروسيسنگ سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>7. پاپڙ، منايون، آچار، جوس، آئيس ڪريم، بيڪري، چاڪليٽ ۽ ڪولڊ چين ڪاروبار وغيره | 04 | 3. مختلف ننڍا ننڍا ڪاروبار جنهن ۾هٿ جو هنر جنهن ۾ مختلف مشينري ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري سگهجي ٿو<br>4. بوٽ، سينڊل ۽ جتيون ناهڻ جو ڪارخانو<br>5. فرنيچر ۽ دستڪاري وغيره |
| 05 | 8. آٽو ڳنجنيرنگ / آٽو مڪينڪل/ اليڪٽرڪ ورڪشاپ<br>9. گاڏين جي مرمت ڪرڻ ۽ حصا ناهڻ، ٽائر پنچر ۽ ويل الائينمينٽ ورڪشاپ وغيره | 06 | 6. سياحت ۽ ٽوئرزم سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>7. هوٽل ۽ ريسٽورينٽ<br>8. لانڊري / ڌوٻي<br>9. پينا فليڪس ۽ بينر جي ڇپائي وغيره |
| 7 | 10. ڊيڪوريشن،ڪيٽرنگ، ۽ تقريبن جي انتظام جون خدمتون<br>11. ڪار / گاڏين ڌوئڻ جي سروس<br>12. اسپتالون، ميڊيڪل سينٽرز،ڪلينڪ وغيره | 8 | 10. مڇي، جهيگن ۽ ڪيڪڙن جي پالنا، مارڪيٽنگ، پيڪنگ ۽ پيڪيجنگ جو ڪاروبار وغيره<br>11. وڏي سمونڊ ۾ تجارتي مڇي مارڻ واري ٻيڙي هلائڻ مڪمل سامان سميت |
| **انهن سان ملندڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪاروبار ٿي سگهن ٿا جن لاء بہ درخواست ڏئي سگهجي ٿي** | | | |

انهي کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ڪاروبار ٿي سگهن ٿا. ٻي ڳالهہ تہ ڪجهہ اهڙا ڪاروبار جهڙوڪ انفرا اسٽرڪچر يا تعميراتي ڪم، زمين يا عمارت جي خريداري، ڪنهن بہ قسم جي گاڏين جي خريداري، آمدني نہ وڌائڻ وارا ڪاروبار، زراعت، کير جي وڪري ۽ چوپائي مال جي خريد فروخت سان لاڳاپيل ڪاروبارن جي مد ۾ گرانٽس نہ ڏني ويندي.

دلچسپي رکندڙ اميدوارن کي گذارش آهي تہ اهي ضلعي ٺٽي جي ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مان گرانٽ جي لاءِ درخواست، گهربل ۽ تفصيلي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا. درخواست ۽ تفصيلي هدايتون ايڪٽ انٽرنيشنل جي ويب سائيٽ www.act-international.org تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون. درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 20 جنوري 2026 آهي. مقرر تاريخ کانپوءِ ڪا بہ درخواست وصول

نہ ڪئي ويندي. درخواست فارم ۾ ڏنل گهربل معيار ۾ صلاحيت رکندڙ (ڪاروبار ڪندڙ عورتن) جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ٿي تہ اهي (مائڪرو گرانٽس) جي مالي مدد لاءِ درخواست ڏين ۽ ننڍڙي ۽ ننڍي سطح تي ڪاروبار ڪن. صرف ۽ صرف شارٽ لسٽيڊ يا معيار تي پورو لهندڙ درخوستگذارن سان رابطو ڪيو ويندو.

ايڪٽ انٽرنيشنل پروجيڪٽ آفيس. گهر نمبر اي 25 ، ڪوآپريٽو هائسنگ سوسائٽي زينب هاسپيٽل روڊ مڪلي ٺٽو، سنڌ، پاڪستان.
رابطو لاءِ؛ . صلاح مشوري يا 0334-5195184; email: jabbar@act-international.org; website: www.act-international.org.
شڪايت لاءِ؛ +92 311 1999899

**نوٽ؛ صرف مڪمل دستاويزن سان پريل، شارٽ لسٽيڊ ۽ معيار تي پوريون لهندڙ درخواستن تي غور ڪريو ويندو.**